يندو_

ٻئي هنڌ ارشاد آهِ:

وَلَهُنَّ مِثْلُ الَّذِيْ عَلَيْهِنَّ بِالْمَعْرُوْفِ (٢)

۽ جهڙا (حق) انهن زالن تي آهن تهڙ حقوق سندن مرسن تي چڱي طرح سان بيان ڪيل آهن_

قرآن پاڪ جي آيتن جي روشني ۾ بيان ڪيل آهن ثابت ٿيوته قانوي مرد ۽ عورت ۾ ڪو امتياز نة ڪيو ويو آهي البتة ايمان ۽ اعمال صالحه تي درجات رکيل آهن_

حديث شريف ۾ نبي اڪرم صلي الله ه علية وسلم پڻ ان جي وضاحت بيان فرمائي آه:

الدنيا متاعٌ وخير متاعها امرأة الصّالحه (٣)

دنيا سامان آهِ ان جو بهترين سامان نيڪ عورت آهِ هي مطلقه عورت جي متعلق آهِ باقي عورت جون مختلف حيثيتن بابت اسلام ۾ عليحدة حقوق ۽ فرائض بيان ٿيل آهن_

عورت جون اڪثر ٣ حيثيتون آهن:

١:نياڻي، ٢:زال، ٣:ماء

اسلام عورت جي ٽنهي حيثين ڪي جدا جدا حقوق و فرائض سان متعارف ڪرايا آهن_

عورت بحيثيت نياڻي:

اسلام ڪان اڳ معاشري ۾ نياڻي ڪي عيب تصور ڪيو ويند و هو ڪيس اڪثر ڪري زندة دفن ڪيو ويند هو جيئن قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهِ:

وَ اِذَا الْمَوْءٗدَةُ سُئِلَتْ ۝٨ بِاَيِّ ذَنْۢبٍ قُتِلَتْ ۝٩ (٤)

۽ جڏهن جيئري نياڻي پڇي ته ڪهڙي ڏوهِ سبب

ماري وئي_ قرآن پاڪ ان غلط رسم ۽ رواج
آهي جي مذمت ڪئي :

وَ لَا تَقْتُلُوْٓا اَوْلَادَكُمْ خَشْيَةَ اِمْلَاقٍ ؕ نَحْنُ نَرْزُقُهُمْ وَاِيَّاكُمْ ؕ اِنَّ قَتْلَهُمْ كَانَ خِطْاً كَبِيْرًا ﴿۳۱﴾ (۵)

۽ پنهنجي اولاد کي سڃاڻي جي ڊپ کان قتل نه ڪيواسين انهن کي ۽ اوهان کي روزي ڏيندا آهيون_

بلڪل ان جي برعڪس مغرب جي تربيت ۽ تعليم مطابق ۱۴ سو سال پهرين انهي بد رسم کي مختلف شڪل ۾ بحال رکڻ هي ڪوشش جاري آهي جيڪو رزق جي بهاني ۽ صحت جي بهاني سان حمل ساقط ڪرڻ ۽ ان مذموم ۽ قبيح عمل لاءِ اداره قائم ڪرڻ ۽ ان تي ڪڙورها خرچ ڪرڻ ڪفرجي پراڻي رسم کي بحال رکڻ جو نانه آني ته بيوچا آهي_

نبي اڪرم صلي الله عليہ وسلم جن نياڻي کي الله جي رحمت قرار ڏ نواه جي تعليم و تربيت جو حڪم ڏنواه سندس بالغ ٿيڻ بعد بهترنڪاح ڪرڻ جو حڪم ڏنواه، ائين ڪرڻ وارن لائ جنت جي خوشخبري ڏني آهي_

جيئن حديث پاڪ ۾ وارداهي

(۱) عن انس رضی الله تعالی عنہ عن النبی صلی الله عليہ وسلم قال من عال جاريتين حتی تبلغها جاء يوم القيمۃ انا وهو کهاتين ضم اصابعد (۲) ضرت انس رضی الله کان روايت اه تہ (صلی الله عليہ وسلم) جن فرمايو ,,جيڪو شخص ٻن ڇو ڪرين جي پرورش ڪري ايسائين جو هو بالغ ٿي وڃن ته

اهو شخص ۾ مان (پاڻ اشهد آڱرسان گڏيء اگر ملائي سمجهايا ٿون ته) هنن به هنن پن آگرين وانلرگڏ ايند اسين_

(۲) نبي اکرم صلي الله علية وسلم جن ارشاد فرمايو آني تکرهو البنات فاني ابوالبنات (۷)
نياٹين کان نفرت نه کريو مان به نياٹين جو والد آهيان_

(۳) من زوج بنتا توجه الله يوم القيمة تاج الملک(۸)
جنهن بة نيا ٹي جي شادي کرائي، قيامت جي ڏينهن الله پاک ان کي بادشاهت جو تاج پهرائيندو_

(۴) البنات هُن المُشفقات المجهزان المبارکات(۹)
نياٹيون شفقت ۽ برکت واريون آهن _

عورت (بحيثيت ماء)

اولاد جي بهترين تربيت ۾ ماء جو اهم کردار آهي، انکري پيء جي مقابل ماء کي اهميت ڏني وئي آهي چوته ٻار جو زيادة تعلق ماء سان رهي ٿو جنهن جي سٺوي تربيت ساه چاد سٺوبٹجي ٿو نتيجاً معاشرو ۾ علائقو سٺو بٹجي ٿو جان ان شو بٹجي ٿوء معاشرو به شو بٹجي ٿو_ اهڙي ٹ نيک ۽ صالحة عورت جابة الله پاک وٹ بلند درجات آهن جن جي قرآن پاک ۽ احاديث مان وضاحت ملي ٿي_

۱_ وعبدوالله ولا تشر کوا به شيئًا وبا الوالدين إحسانا(۱۰)

۲_ وقضیٰ رُبك آلاّ تعبدوالاّ اياه وبا الوالدين احسانا(۱۱)

۳_ ووصينا الانسان بوالديه(۱۲)

۴۔ وفصلٰه فی عامین ان اشکرلی ولوالدیك(۱۳)

۵۔ رب ارحمهُما کما ربیانی صغیرا(۱۴)

۶۔ ربنا اغفرلی ولوالدی(۱۵)

۷۔ فلاتقل لهما اُف ولا تنهرهما وقُل لهُما قولا کریما (۱۶)

انهن سڀني آيات ۾ الله تعالي والدين جي اهميت ۽ آداب بيان ڪيا آهن انهن جو شڪريو ادا ڪرڻ ۽ انهن سان سهڻوسلوڪ ڪرڻ انهن بابت باري تعالي کان مغفرت طلب ڪرڻ جاڪلمات سيکاريا ويا آهن۔

ازانسواءِ احاديث جي روشني ۾ ڪافي تاڪيدٿيل آهي

(۱) الجنة تحت اقدام الامهات(۱۷)
جنت مائرن جي قدمن هيٺيان آهي

(۲) رضاء الوالدین رضاء الله سخط الوالدین سخط الله
والدين جي رضا الله جي رضاءِ سندن ڪاوڙ الله جي ڪاوڙ قرار ڏنل آهي۔

هن ۾ والدين جو مسلمان هجڻ لازم نه آهي والدين توڙيڪ غير مسلم هجن انهن سان بهٔ سهڻو سلوڪ ڪرڻ لازم آهي جيئن قرآن پاڪ ۾ حضرت ابراهيم علية السلام جو سندس والدسان گفتگو جو انداز بيان ٿيل آهي جيتو ٺيڪ سندس والد الله پاڪ جو صريح دشمن هو۔ اهڙي لوح موجوده دور ۾ مولانا عبيد الله سنڌي رحمة الله علية جو سندت والده سان سهڻو سلوڪ به هڪ مثال آهي جو سندس والده سڪ مذهب جي هجڻ سبب مولانا کي بدشد گالها ئيندهٔ هني مگر مولانا ڪرهن به پي ادبي نه ڪني ۽ سائس سهڻو سلوڪ جاري رکيو پاگ پلا آهن انهن جا جيڪي والدين جي خدمت ۾ پيش پيش رهن بدبخت آهن اهي

شخص جيکي والدين جي خومت کان محروم آهن_ جنئين حديث پاک ۾ آهن ة پاڻ سڀگورن ٽي دفعا فرمايو شل هلاک ٿئي اهوشخص

جنهن پنهنجي والدين يا منجهائن کنهن هک کي کراڙپ واري حالت ۾ ڏٺو ثم لم يدخل نة ٿيو_(١٨)

(٣)حضرت علقمه رضي الله عنة مشهور صحابي آهي جنهن جو قصو مشوراً هي جو سندس والده جي ناراضپي سبب وفات وقت سندس زبان تي کلمو جاري نه پيوئي جڏهن ماء ناراضپو ختم کيوته زبان تي کلمو جاري ٿيو ۽ وفات کيائين_

(٤)رسول الله صلي الله علية وسلم فرمايو:

عن ابي هريرةؓ قال جآء رجل الى رسول الله صلى الله عليه وسلم فقال سول الله من احق بحسن صحابيتي؟ قال امك قال ثم من؟ قال أمك؟ قال ثم من قال ابوك

حضرت ابوهريرة رضي الله تعالي عنه کان روايت آهي تة هن شخص رسول الله جي خدمت ۾ حاضرٿيو ۽ عرض کيائين يا رسول الله منهنجي لاۓ سڀ کان بهترين معاملي جو حقد رکير آهي فرمايا نون ته تنهنجي ماء_ عرض کيائين ته ان کانپوُ کير فرمايائون ته تنهنجي ماء عرض کيا ئين ته ان کان پوُ کير فرمائائين ته تنهنجو پيءُ_

عورت (بحيثيت زال)

Huqooq & Duties

قرآن شريف ۾ مختلف سورتن ۾ عورتن جو ذکر بيان ٿيل آهي پر هک خاص سورة عورتن لاء مخصوص بيان ٿيل

آهي جنهنجو نالو آهي سورة النساء جنهن ۾ سندن حقوق ۽ فرائض جو خاص ذڪرٿيل آهي_

جنين ارشاد باري تعالي آه:

(۱) وَعَاشِرُوهُنَّ بِالْمَعْرُوفِ ۽ زالن سان چڱي طرح گذربسر ڪريو (۱۹)

(۲) زال مڙس جو تعلق سبب ڪان اول نڪاح سان ٿئي ٿو اف ۾ پهريون شرط حق مهر آهي اهوبه حيثيت مطابق آه_

جنين ارشاد آهي:

عَلَى الْمُوسِعِ قَدَرُهُ وَ عَلَى الْمُقْتِرِ قَدَرُهُ (۲۰)

يعني طاقت واري تي سندس حيثيت مطابق ۽ تنگ دست تي سندس حيثيت مطابق ڏهو آهي_

(۳) وَاٰتُوا النِّسَآءَ صَدُقٰتِهِنَّ نِحْلَةً (۲۱)

۽ توهان زالن ڪي سندن مهر خوش دلي سان ڏيو جناب رسول اڪرم صلي الله علية وسلم جن فرمايو آهي

جنهن مردان ارادي سان شادي ڪئي نه حق مهر ادا نه ڪندس ته ان جو نڪاح ني ته ٿيو

(۴) اهڙي طرح سندس اولاد متعلق به حڪم آهي وعلى المولودله رزقهنّ ۽ سندس تي لازم آهي اولاد جو ڪاڌو پتيو وڪسوتهن (۲۲)

قال رسول الله صلى الله عليه وسلم الا وستو صوا بالنسآء خيرا _ (۲۳)

فرمايو رسول الله صلي الله عليه وسلم ته وصيت ٿوڪريان ته عورتن سان ڀلائي ڪندار هو

ان لاءِ ته اهي اوهان وٽ قيدي آهن جڏهن اهي
پنهنجا فرائض ادانه ڪن ته انهن سان بدسلوڪي
جو جواز نه آهي_

هڪ ٻي روايت ۾ آهي ته رسول الله صلي الله عليه وسلم
ڪان پڇيو ويو يا رسول الله ماحق زوجة احدنا عليه؟

اي الله جا رسول انسان مان زالن تي ڪهڙو خق آهي

قال اِن تطعمها اِذا طعمت وتكسوها اِذا كتسبت ولا
تضرب الوجه ولا تقبح

جيڪوتوهان کائوته انهن کي به کارايو ۽ جيڪو
توهان پهريوته ڪيس پهرايو ۽ سندس منهن تي
نه مار ۽ بروپلو نه چو_(٢٤)

قال رسول الله صلى الله عليه وسلم اكمل المؤمنين ايماناً
احسنهم خُلُقاً وخياركم خياركم لنسائهم

فرمايو رسول الله صلي الله عليه وسلم اوهان
مان ڪامل مومن اهواه جيڪو اخلاق ۾ سڀ ڪان
سنو آهي ۽ اوهان مان بهتر اهوآهي جيڪو
پنهنجي عورتن بابت سڀ ڪان ڀلو آهي(٢٥)

زندگي جي ونهوار ۾ ڪمي بيشي جوا مڪان رهي ٿو ليڪن
ان کي صبر و تحمل سان برداشت ڪندي مسائل جو پائدار حل
ڳوليو وحي جلد بازي سان ڪو به فيصلونه ڪيو وجي جيئن قرآن
شريف ۾ حڪم بيان ٿيل آهي :

اِنْ جَآءَكُمْ فَاسِقٌ بِنَبَإٍ فَتَبَيَّنُوْا (٢٦)

جيڪڏهن اوهان وٽ ڪوفاسق خبر آڻي پوْ تحقيق ڪريو
ساڳئي طرح مرد جي مائٽن طرفان عورت خلاف غلط
پروپئگنڊه تي جلد بازي سان ڪو فيصلونه ڪيو و جي، مردتي حق

آهي جيڪڏهن عورت جون ڪجه عادتون ڪيس پسند نه آهن تة فتني ۽ فسادڪان ڪم نه وٺي بلڪ صبرو تحمل جو مظاهرو ڪري۔

قال رسول الله صلى الله عليه وسلم لا يفرك مومن و مومنةٍ ان کره منها خلقاً رضى منها آخر (٢٧)

فرمايو رسول الله صلي الله علية وسلم مؤمن مرد مومنة عورت ڪان نفرت نه ڪري جيڪڏهن ڪاعادت ڪيس پسند نه آهي تة سندس ٻي صفت سان هو خوش ٿيندو۔

اهري طرح قرآن پاڪ وارد آهي نه

فَاِنْ كَرِهْتُمُوْهُنَّ فَعَسٰى اَنْ تَكْرَهُوْا شَيْئًا وَّ يَجْعَلَ اللّٰهُ فِيْهِ خَيْرًا كَثِيْرًا (٢٨)

بس چوء اهي ڳالهيون جيڪڏهن پسند نه آهن نه پوء ڪهڙو عجب آهي ته اوهان ڪاشني ناپسند ڪيوء الله تعالي ان ۾ اوهان لاء ڪا وڏي ڀلائي رکي هجي۔

ڳال سان جيڪڏهن عفو ودرگذر جو معاملو رهندو ته اهو گهر جنت مثل آهي جنهن ۾ مڪمل هدايات ڏنل آهن جنهن ۾ معاف ڪرڻ، درگذر ڪرڻ ۽ بخش ڪرڻ جو بار بار تاڪيد ٿيل آهي۔

زندگي ته خوش و خورم گذري مگر مرد جي فوت ٿيڻ بعد به اسلام ان بيوة عورت کي عزت سان حق ڏنو آهي جنهن کي اسلام ڪان اڳ منحوس سمجهي جانورن مثل و ڪاميو و يندو هو۔ اسان جي آقاسائين اڪثر بيوه عورتن سان نڪاح ڪري

نيا کي سبق ڏنو ته ڪين منحوس نه سمجهو سندن مرد جي فوت
ٿ ۾ آخر عورت جو ڪهڙو قصور؟ الله پاڪ انهن عورتن جو به
ندن مڙس جي ملڪيت ۾ حصو قرار ڏنو آهي_

وَ لَهُنَّ الرُّبُعُ مِمَّا تَرَكْتُمْ اِنْ لَّمْ يَكُنْ لَّكُمْ وَلَدٌ (٢٩)

۽ انهن عورتن لاءِ اوهانجي ڇڏيل مال جو
چوٿون حصو آهي اگر ڪين اولاد نه آهي_

عام طور اسلام ۾ جنهن عورت کي اولاد آهي .ysندس
مڙس جي ملڪيت جو اٺون حصي جي عورت حقدار آهي_

اسلام دين فطرت آهي جيڪو مڪمل انصاف تي مبني آهي
جنهن ۾ مرد ۽ عورت جا حق حقوق ۽ ذميداريون واضح بيان
ٿيل آهي ايستائين جو قريب هوته مرد پنهنجي عورت لاءِ
مسجود قرار ڏجي ها مگر جيئن ته الله جي ذات کا کا نسواءِ ٻئي
کي سجدو جائز نه آهي تنهنڪري ٻئي ڪنهن ذات کي مسجود نه
بنايو ويو_

زالن جو صفان

Duties of Wife

اسلام مرد جابة ڪافي حقوق بيان ڪيا آهن۽ عورت کي
گهر جي راڻي بڻايو آهي سندس نان نفقه جو ذميوار مرد کي
قرار ڏنواهي ۽ عورت کي ان جي ماتحت بنايوآهي تنهنڪري
گهرجي وارث ۽ ذموار عورت آهي جڏهن مرد غير حاضر آهي

قرآن پاڪ انهن نيڪ زالن جو صفات بيان ڪيون آهن_

١)اطاعت: قرآن شريف ۾ آهي ته فَالصّٰلِحٰتُ قٰنِتٰتٌ (٣٠)

نيڪ زالون اطاعت ڪرڻ واريون هونديون آهن_

٢)امانت: حٰفِظٰتٌ لِّلْغَيْبِ بِمَا حَفِظَ اللّٰهُ (٣١)

اهي عورتون مڙس جي غير موجودگي ۾ پنهنجي ۽ سندس گهر جي حفاظت ۽ امانت سلامت رکن ٿيون_

نبي اکرم صلي الله علية وسلم جو ارشادآهِ:

والمراة راعيةٌ علی بيت زوجها وولده (٣٢)

عورت پنهنجي مرد جي گهر ۽ اولاد جي ذمة دار آهي_

هي بي حديث ۾ ارشاد نبوي آه:

لا يحل لا مراة ان تصوم وزوجها شاهدٌ الا باذنه ولا تأذن فی بيته الا باذنه۔ (٣٣)

کنهن عورت لاءِ جائز نه آهي ته مڙس جي موجودگي م ان جي اجازت کان بغير نفلي روز ورکي ۽ نة ئي کيس جائز آهي تة ان جي اجازت بغير کنهن کي ان جي گهر ۾ اچڻ جي اجازت ڏي_

هک حديث پاک ۾ نيک عورت جون و صفون بيار کندي پاڻ کريم صلي الله علية وسلم جن فرمايو:

المرأة اذا صلت خمسها وصامت شهرها واحصنت فرجها واطاعت بعلها فلتدخل من ايّ ابواب الجنة شائت (٣٤)

اها عورت جنهن پنج وقت نماز پڑهي، رمضان جا روزا رکيا، ۽ پنهنجي اوگهڙجي حفاظت کئي، پنهنجي مڙس جي فرمانبرداري کني پوءِ اِها عورت بهشت جي جنهن دروازي مان وٺيس داخل ٿئي

مڙس کي خوش رکڻ:

زال تي لازم آهي ته هراهوکم کري جنهن ۾ سندس مڙراضي ٿئي اها پلي عورت جي صفت آهي جيئن حديث پاک

آهي تهـ

التي تسرهٔ اذا نظر وتطيعهٔ إذا امر ولا تخالفهٔ في نفسها ولا ما لها بما يكره (٣٥)

اهازال جيڪا مڙس کي خوش رکي جڏهن ڏانهنس ڏسي، فرمانبرداري ڪري جڏهن حڪم ڪرين، پنهنجي ذات ۽ مال بابت اهڙو رويو نه هلي جيڪو سندس مڙس کي پسند نه هجي_

قال رسول الله صلى الله عليه وسلم ايما امراة ماتت وزوجها عنها راض دخلت الجنة (٣٦)

فرمايو رسول الله صلي الله علية وسلم جنهن عورت جو موت ان حال ۾ ٿيو جو سندس مڙس ان کان خوش هيو اها جنت ۾ ويندي_

حواله:

١۔ سورة نساء: آيت ١٣٤

٢۔ سورة بقرة: آيت ٢٢٨

٣۔ ابو عيسي محمد بن عيسي سنن تر مذي, ابواب البر والصلة

۴۔ سورة تکوير: آيت ٨,٩

۵۔ سورة بني اسرائيل: آيت ٣١

٦۔ مسلم بن حجاج القشيري, صحيح مسلم ڪتاب البر

٧۔ مسلم بن حجاج القشيري, صحيح مسلم ڪتاب الادب

٨۔ ابوداود سليمان بن الاشعث, سنن ابي داود ڪتاب النڪاح

٩۔ مسلم بن حجاج القشيري, صحيح مسلم ڪتاب السلام

١٠۔ سورة تکوير: آيت ٣٦

١١۔ سورة بني اسرائيل: آيت ٢٣

١٢۔ سورة لقمن: آيت ١۴

١٣- سورة لقمن: آيت ١٣
١٤- سورة بني اسرائيل: آيت ٢٤
١٥- سورة ابراهيم: آيت ٤١
١٦- سورة بني اسرائيل: آيت ٢٣
١٧- صيصح مسلم كتاب الجنة
١٨- رواه حاكم
١٩- سورة نساء: آيت ١٩
٢٠- سورة بقرة: آيت ٢٣٦
٢١- سورة نساء: آيت ٤
٢٢- سورة بقرة: آيت ٢٣٣
٢٣- محمد بن اسماعيل بخاري صحيح بخاري كتاب النكاح
٢٤- اءبوداود سليمان بن اشعث سنن ابي داود كتاب النكاح
٢٥- ابوعسي محمد بن عسي الترمذي، ترمذي باب ماجاء في حق زوج علي المراة
٢٦- سورة الحجرات: آيت ١٣
٢٧- مسلم بن حجاج القشيري، صحيح مسلم باب وصيت النساء
٢٨- سورة نساء: آيت ١٩
٢٩- سورة نساء: آيت ١٢
٣٠- سورة نساء: آيت ٣٤
٣١- سورة نساء: آيت ٣٤
٣٢- محمد بن اسماعيل بخاري صحيح بخاري كتاب النكاح
٣٣- محمد بن اسماعيل بخاري صحيح بخاري كتاب النكاح
٣٤- محمد بن عبدالله الخطيب التبريزي مشكواة المصابيح
٣٥- روا. نسائي
٣٦- ابوعسي محمد بن عسي الترمذي، ترمذي باب ماجاء في حق زوج علي المراة

ڊاڪٽر عبدالقادر چاچڙ

عورتن جو لباس

سيرت رسول عليہ السلام جيَ روشني ۾

Abstract

Islam is the religion of humankind ^ explain all the human needs in Quran & Hadith very clear. The dress or wearing of cloths is human need & Islam allowed to women may choose what she wears but only required the cloths must be clean, suitable & covering the body & also loose & thickness & the dress made of silk also allowed to women & prohibited for men. It is also prohibited dress for human to show the color, skin or shape of body.

In this article I explain in detail women's dress in the light of Holy Prophet Mohammed (e) orders.

اسلام دين فطرت آهي جنهن ۾ مردن توڙي عورتن جي زندگي گذارڻ يا رهڻي ڪهڻي جا سمورا اصولَ واضح ڪيا ويا آهن. لباس يا پوشاڪ بہ انساني ضرورتن مان آهي جنهن جا حڪم قرآن ۽ حديث ۾ آيل آهن. هن مقالي ۾ عورتن جي پوشاڪ جو ذڪر سيرت رسول عليہ السلام جي روشني ۾ ڏنو ويو آهي. جنهن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو.

لباس جي لغوي ۽ اصطلاحي معنيٰ

لباس جي لفظي معني ڍڪڻ آهي. جيئن پروفيسر غلام حسين جلباڻي لکي ٿو:

اللبس: ڪنهن شيءِ کي ڍڪڻ.

لبس لبسا: پوشاڪ پهرڻ. ويس وڳا پهرڻ. (1)

لباس جي اصطلاحي معني آهي جسم جو اهو حصو ڍڪڻ جنهن جو ڍڪڻ مناسب آهي.

”اللباس ما يستر الجسم. جمعه البسة ولُبس. يقال: لبس الثوب لُبسا استتر به“ (2)

ترجمو: جيڪو جسم کي ڍڪي انکي لباس چئبو آهي. انجو جمع البسة ۽ لبس آهي. چئي ٿو (مصنف) تہ پهرڻ ڪپڙي جو يعني جيڪو جسم کي ڍڪي.

لباس جو مقصد

لباس جي اهميت الله تعالي جي هن فرمان مان واضح ٿئي ٿي:

”يا بني آدم قد انزلنا عليكم لباسا يواري سواتكم وريشا ولباس التقوي ذالک خير“ (3)

ترجمو: اي انسانو! بيشڪ اوهان تي هڪ پوشاڪ لاٿي آهي جيڪا اوهان جي اوگهڙن کي ڍڪيندي آهي ۽ سينگار جا ڪپڙا آهن. ۽ پرهيزگاري جو لباس توهان لاءِ ڀلو آهي.

پوشاڪ جو پهريون مقصد اوگهڙ ڍڪڻ آهي ۽ ٻي نمبر تي مقصد سونهن آهي. ۽ سونهن لاءِ لباس پائڻ کي بہ الله تعالي قرآن مجيد ۾ حلال قرار ڏنو آهي. انڪري سونهن لاءِ لباس پائڻ ۾ ڪا بہ شرعي روڪ نہ آهي.

قرآن مجيد ۾ حضرت يوسف عليہ السلام جي قصي ۾ قميص جو ذڪر ڪيترن ئي جڳهن تي آيل آهي.

”اذهبوا بقميصي هذا فالقوه علي وجه ابي“ (4)

ترجمو: منهنجي هيءَ قميص کڻي وڃي منهنجي پيءُ جي منهن تي گهمايو.

جڏهن تہ سٽيل پائڻ جو سڀ کان پهريون ذڪر حضرت ابراهيم عليہ السلام لاءِ آيل آهي.